شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو

ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو مسئلو

وحدت الوجود يا همه اوست (سڀ ڪجهه اهوئي آهي)، تصوف جو روح ۽ روان آهي. اڪثر صوفي عارف انهيءَ مٿي تي هليا آهن. پر ان جو تعبير ڪرڻ اهڙو ته نازڪ آهي، جو هڪ قدم هيڏانهن يا هوڏانهن الحاد ۽ اشراڪ جي اوڙاهه ۾ اڇلائيو ڇڏي. جتي "ڪهنڪهر يا ڪهڻ ڄاڻ، موڙهي مت مهائين"، اتي هن اڻڄاڻ پنهنجي ٽُٽڻ ـ ٻيل ڀرائي پاڪڙي اجهڪار ۾ اوهري آهي، يا الاهي امن سان پار اڪارج!

جت سُڄي تڙ پيڙ تڪ، پيڙو آتي ٿيلهي وڏوم
لهر لوڏي ڪان الاهي، امن سان پهچاءِ پار

ان ڪپري ۾ ٻير ٻاڻ ٿي آهي سر تان سانگهو لاهڻ. يا الله! تون ئي ٻر جو ٻورائو ۽ راه جو رهبر آهين. تنهنجي ئي توهه جي طلب آهي، تون ئي دستگيري ڪري، هن ٻيراه مان ٻاهر ڪڍ!

ڪائنات ۾ ڪابه شيءِ مفرد ناهي، ۽ نه ڪنهن مفرد شيءِ جو تصور انساني ذهن ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو. جيستائين شيءِ ڪي صورت ناهي، تيستائين ان جو خيال ۾ اچڻ محال آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن باري تعاليٰ جي ذات پاڪ ڪائنات جي شين وانگي هجي ها، ته هوند انهن وانگر اسان جي تصور جي دائري اندر اچي سگهي ها. اها هڪ مجرد حقيقت آهي، جا اسان جي عقل ۽ فهم، قياس ۽ وهم کان بالاتر آهي:

اي برتر از خيال و قياس و گمان و وهم
و از هرچه گفته اند شنيديم و خوانده ايم
دفتر تمام گشت و باخر رسيد عمر
ما همچنان در اول وصف تو مانده ايم.

صوفي سڳورا چوندا آهن تہ ذات پاڪ هڪ مجرد حقيقت آهي، سا هڪ وجداني ۽ بديهي ڪيفيت آهي، روحاني ڪشف آهي، اندر جو آواز آهي. سڀ شيءِ ان جي احديت ۽ وحدانيت جي گواهي ڏيئي رهي آهي: "و في ڪل شيءِ له آية تدل علي انه واحد"، ۽ حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري واري فرمايو آهي تہ:

ٻل ٻل ٻوءِ ٻچار، ملڪ ۾ ميثاق جي
ڪڪ ٻن ڪن اقرار، اسين ٻانها تون ڌڻي.

خالق ۽ مخلوق، عبد ۽ معبود، ظاهر ۾ ٻہ نياريون شيون آهن. انهن مان ڪا ٻيءَ ۾ مدغم نٿي ٿي سگهي.

" آنا عبد " " معبود تون"، ات نڪو شرڪ نہ شڪ
ٻچارون ٻريٻن جون، محبتين مرڪ
سو سيوني حق، جنهن ۾ ٻسڻ ٻريٻن کي.

ڏينءَ سٽ جي رمز تي ٻوءِ ايندا سين، حال في الحال هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکجي تہ خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ ظاهر ۾ وڏو سنڌو ۽ سيڙهو آهي، ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪا نسبت آهي، سا عقل ۽ قياس کان ٻاهر آهي، ۽ ان جي ڪيفيت ۽ ڪميت جو بيان ڪري نٿو سگهجي، جيئن مولانا رومي فرمائي ٿو:

"اتصالي بي تکيف بي قياس"
"هست رب الناس را با جان ناس"

آخر اها ڳالهہ تسليم شده آهي تہ جان کي جسم سان، بصارت کي روشنيءَ سان، خوشيءَ کي دل سان، خوشبوءِ کي نڪ سان، نطق کي زبان سان، وغيره هڪ خاص تعلق آهي، ليڪن اهو تعلق بي چون و چگون آهي. اهڙي طرح الله کي بہ ممڪنات سان هڪ قسم جي خاص نسبت آهي جا ڪيفيت ۽ ڪميت کان آجي آهي.

ماڻهو ٻين حيوانن کان انهيءَ ڪري نيارو آهي، جو ان ۾ الاهي نور جو ذرو موجود آهي. جنهن جي وسيلي هو خدا کي سڃاڻي سگهي ٿو ۽ جنهن ڪري ئي ٻين حيوانن کان ممتاز آهي. جيڪڏهن اها باطني شناس ۽ اندروني حس منجهس نه هجي ها ته هو به پسن سمان آهي. انهيءَ ڪري چيو اٿن ته "من عرف نفسه لقد عرف ربه". انسان عالم اصغر آهي، تنهن ڪري ان ۾ عالم اڪبر جون سڀ خصوصيتون ننڍي پيماني تي موجود ۽ متجلي آهن. انسان جي دل هڪ آرسي آهي، جنهن ۾ عالم ملڪوت جا نقش ۽ نگار اولڙي طور جلوو ڪن ٿا، ليڪن الهيءَ قسم جي اتصال يا نسبت کي اتحاد ۽ حلول نٿو چئي سگهجي.

صوفين ۽ اهل ظاهر جي وچ ۾ هي اختلاف آهي، جو اهل ظاهر چوندا آهن ته خدا تعاليٰ ڪائنات جي سلسلي کان الڳ ۽ هڪ بلڪل نياري ذات آهي، ۽ صوفين موجب الله تعاليٰ ڪائنات کان ڌار نه آهي بلڪ هڪ ٻئي کي ذلي بغير سڃاڻي نٿو سگهجي:

"مون" پڻ ڪونهي "هن" ري، "هي" نه "هن" ٿان ڌار
الا نسان سري وانا سره، پروڙج پچار
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.

ايتري قدر ته سڀئي صوفي متفق ٿا، ليڪن انهن جي تعبير ۾ گهڻو تفاوت آهي. هنن وٽ الله تعاليٰ هڪ مطلق وجود يا مطلق هستيءَ جو نالو آهي، جو جڏهن تعينات يا مظاهر جي صورت ۾ جلوه گر ٿئي ٿو، تڏهن ئي سڀ ممڪن شيون پيدا ٿين ٿيون.

سرتيون سمت ڪهاه، مارهو مرَ منصور کي
ٿي ترڪيب تباه، وحدت واٽي هيڪڙي.
(خواجه محمد زمان)

سمنڊ جون هزارين لهرون جدا جدا آهن، پر حقيقت ۾ پاڻي هڪ ئي آهي:

لهرن لک لباس، پاڻيءَ وڌن هيڪڙو
ڪوڙين ڪاپاٽون تنهنجون لکن لک هزار
جيءَ ٻنهني جيءَ سين، درسن ڌارو ڌار
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.
(شاهه عبداللطيف)

مظاهرن جي ڪثرت ڪري وحدت ۾ ڪا به ڪمي ڪانه ٿي ٿئي. جيئن ڌاڳي ۾ ڳنڍيون ڏنيون آهن، پوءِ اگرچه اهي ڳنڍيون جدا ڏسڻ ۾ اينديون آهن. تہ بہ ڌاڳي کان سواءِ ڳنڍيون ڪا زائد شيءِ نہ آهن. رڳو ان جي صورت بدلي آهي.

ٻيا صوفي وري وحدت الوجود جي هي معني وٺندا آهن تہ جيئن آدمي جو پاڇولو اگرچه بظاهر هڪ جدا شيءِ آهي، ليڪن في الواقع ان کي پنهنجو وجود ڪونهي. جو ڪجهہ آهي، فقط آدمي آهي. اهڙي طرح اصل ۾ باري تعاليٰ جي ذات موجود آهي، ۽ ٻيون جيڪي شيون موجود آهن، سندس پاڇولا يا پرتوا آهن. انهي قسم جي وحدت کي وحدت الشهود (همہ از اوست) چوندا آهن.

وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ۾ هي فرق آهي تہ وحدت الوجود جي لحاظ کان "سڀڪجهہ خدا آهي، ۽ (خدا) سڀ ڪجهہ". جيئن جر جي ڦوٽي ۽ لهر کي پاڻي بہ چئي سگهجي ٿو، پر وحدت الشهود ۾ ائين چوڻ جائز نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو جو پاڇولو هرگز ماڻهو ٿي نٿو سگهي. "چه نسبت خاک را با عالم پاک". اهل ظاهر وٽ وحدت الوجود، نامنظور ۽ ممقوت آهي. انهيءَ عقيدي جي ڪري ايران ۾ حلاج ۽ هندستان ۾ سرمد پنهنجي سري وڃائي. ليڪن پوئين زماني جي صوفين ۽ متصوف عالمن ان جو نئون تعبير ڪري، ان کي اسلامي رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي.

اهو وحدت الوجود جو مسئلو ڪنهن ڇيڙيو ۽ ڪڏهن شروع ٿيو، تنهن جو يقيني فيصلو ڪري نٿو سگهجي. زهد ۽ عبادت، تقويٰ ۽ رياضت جي زماني بعد، جڏهن تصوف خاص رنگ ورتو، سنڌس جديد افلاطوني فلسفي ۽ ٻين قومن جي روحاني خيالن جو اثر پيو، تڏهن انهي طبقي جا ماڻهو صوفي سڏجڻ لڳا. انهن تفڪر ۽ ڪشف تي زياده زور ڏنو، ۽ انهن جي قلب تي جيڪي غيبي اطوار ۽ مشاهدا طاري ٿيا، تن کي انهن استغراق ۽ محويت جي حالت ۾ اچانڪ ظاهر ڪري وڌو. اهي خيال عام ماڻهن جي سمجهہ کان مٿي هئا، ۽ ڪيترن ئي جي گمراهيءَ جو باعث بڻيا. جيئن شيخ جنيد بغدادي (المتوفي ٢٩٧ ھ) جنهن کي سيد الطائفه يا صوفين جو سردار چوندا آهن، انهن معتدل صوفين مان هو، جي

"اهل الصحو" (بيداريءَ جا صاحب، جي مدهوشيءَ کان پري رهن ۽ جلان فلان نہ ڳالهائين) جي نالي مشهور آهن، تنهن جا ڪي قول هيٺ ڏجن ٿا:

(١) خدا تعاليٰ سچا سارا ٽيهہ سال جنيد سان، جنيد جي زبان ۾ ڳالهايو، حالانڪ نہ جنيد وچ ۾ هو ۽ نہ خلق کي ڪا خبر هئي.

(٢) هڪ ڏينهن منهنجي دل ڪم تي ويئي. چيم "الاهي، منهنجي دل موٽائي ڏي." سڏ ٻڌم تہ "اي جنيد! تنهنجي دل انهيءَ ڪري کسي اٿئون تہ تون اسان وٽ رهين، ڇا تون گهرين ٿو تہ غير وٽ رهين؟"

هيٺيان فقرا وحدت الوجود تي دلالت ڪن ٿا.

(١) ڪنهن رات هڪڙي مريد سان پني ويو. واٽ تي ڪتي جي ڀونڪ ٻڌندي چيائين "لبيڪ لبيڪ". مريد پڇيس "هي ڪهڙو حال آهي؟". جواب ڏنائين "ڪتي جو زور سان ڀونڪڻ ۽ ٻهڻ، حق تعاليٰ جي قهر قدرت جي نشاني آهي. ڪتو وچ ۾ نہ ڏٺم، تنهن ڪري چيم (لبيڪ).

(٢) تصوف اهو آهي جو خدا توکي تو کان ماري ۽ پاڻ جيئرو ڪري.

(٣) جو شخص سواءِ مشاهدي جي "الله" چوائي، سو ڪوڙو آهي.

(٤) علم حاصل ٿيڻ وجود جي معرفت عين جهل آهي. پڇيائونس تہ "ڇڙو ٻڌاءِ". جواب ڏنائين تہ "عارف ۽ معروف اهوئي آهي.

(٥) جيستائين تون "خدا ۽ بندو" چوندين، تيستائين شرڪ ۾ آهين. بلڪ عارف ۽ معروف هڪڙو آهي. جيئن چيو اٿن تہ: "در حقيقت اهو آهي، هتي خدا ۽ ٻانهون ڪٺي آهي. يعني سڀ خدا آهي."

(٦) ٻن ڄڻن جي وچ ۾ محبت تيستائين درست نہ ٿيندي، جيستائين هڪڙو ٻئي کي نہ چوي "اي مون!".

انهيءَ زماني جا ٻيئي صوفي بزرگ، جهڙوڪ ذوالنون مصري (وفات ٢٤٥ هہ)، بايزيد بسطامي (وفات ٢٦١ هہ)، حلاج (وفات ٣٠٩ هہ) ۽ شبلي (وفات ٣٣٤ هہ)، اگرچہ هرڪو پنهنجي نموني ۾ صوفيانا خيال بيان ڪري ٿو، ليڪن سيئي گهٽ وڌ وحدت الوجود جي عقيدي ڏي مائل آهن، ۽ خدا کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نٿا ڏسن.

ذوالنون مصري ڪيمياوي ۽ فيلسوف هو، ۽ ڪوٺو ڪجهہ جديد

افلاطوني فلسفي مان اقتباس ڪري تصوف سان ملايو اٿس. بايزيد بسطامي ته ذوالنون مصري ۽ جنيد بغدادي کان به ڪئين وِکون اڳتي وڌيو آهي ۽ نهايت دليريءَ ۽ بيباڪيءَ سان وحدت الوجود جو پرچار ڪيو اٿس. محويت جي عالم ۾ ۽ الاهي نشي جي اثر هيٺ، هيٺيان جملا سندس وات مان صادر ٿيا آهن:

(١) ليس في جبتي سوي الله. يعني "الله کان سواءِ ٻيو ڪي به منهنجي جبي ۾ نه آهي."

(٢) سبحاني ما اعظم شاني. يعني "پاڪائي ڄڃائي مون کي، ڪيڏو نه وڏو شان آهي منهنجو."

(٣) لا إله إلا انا فاعبدون. يعني "ڪوئي به الله ڪونهي سواءِ منهنجي، منهنجي عبادت ڪريو (يا مون کي سڃاڻو)".

ڇاڪاڻ ته عبادت جي معني معرفت يا سڃاڻپ به آهي، جيئن مولي سائين فرمايو آهي: وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون. "نه خلقيو آهي مون جنن ۽ ماڻهن کي، مگر انهيءَ لاءِ ته مون کي پوڄين يا سڃاڻن". شيخ محي الدين ابن العربي چوي ٿو: "فيحمدني و احمده و يعبدني و اعبده" (هو مون کي ساراهي ٿو ۽ هو مون کي پوڄي [سڃاڻي] ٿو ۽ آءٌ کيس پوڄيان [سڃاڻان] ٿو).

حلاج ته انا الحق جا نعرا ظاهر ظهور لڳائي ڏنا، جنهن ڪري سوريءَ جو منهن ڏٺائين ۽ چوڻ لڳو ته انا من اهوي انا نحن روحان حللنا بدنا (آءٌ اهوئي آهيان جنهن کي آءٌ پيار ڪريان ٿو، ۽ جنهن کي آءٌ پيار ڪريان، سوئي آءٌ آهيان. اسين ٻه روح آهيون جي هڪ بدن ۾ حل ٿيا آهيون). مطلب ته حلاج نهايت مرتب نموني ۾ خدا ۽ انسان جي اتحاد بابت سخن گوئي ڪري ٿو، ۽ اهي حلاج جا سخن ئي آهن جي پوءِ ابن العربي ۽ سندس پوئلڳن جو مدار ٿيا، تنهن ڪري هيءَ دعوي ڪرڻ ته ابن العربي، وحدت الوجود جي فلسفي جو اول باني هو، سراسر غلط آهي، ابن العربي ته پاڻ اشارن ۽ رمزن کان ڪم ورتو آهي، ۽ ڪڏهن به صراحت سان وحدت الوجود جي اپٽار نه ڪئي اٿس. نه ته حلاج وانگر هو به ڪنڌ ڪپائي وڃي ها.

مطلب ته موجوده تصوف جو بنياد، انهيءَ عهد جي صوفين هٿان پيو، ۽ هڪ محڪم شڪل ۽ صورت ورتائين. البت زماني گذرڻ بعد پيون به گهڻيون ئي ڦيريون ڦاريون منجهس داخل ٿيون، ۽ نوان نوان اصلاح، تعبير، رسمون ۽ سلوڪ جا احوال ۽ مقامات منجهس گهڙيا ويا. امام غزالي، ابن العربي ۽ سهروردي ان کي فلسفي جو رنگ ڏنو، ۽ امام قشيري، ابو نصر سراج، هجويري ۽ غزالي شريعت ۽ تصوف جي وچ ۾ وفاق آندو. جيئن ته هي اصول قائم ڪيائون ته تصوف جا دقيق اسرار عام ماڻهن کي نه سلجن، جيئن شاه صاحب فرمايو آهي ته:

سلج ٿنهن سلوڪ، جو ناقصائي نڱنو.

يـــا

حوصلو حيرت جــو، آه نه متي عـــام
سندي محبت مام، ڪور پروڙي ڪينڪي.

روسي هڪ هنڌ چوي ٿو ته "انا الحق جو نعرو حلاج جي نهايت انڪساريءَ ۽ نهٺائي جو ثبوت آهي. ڇاڪاڻ تــه جنهن چيو "انــا العبد" (مان ٻانهون آهيان)، تنهن گويا پنهنجي خودي ڏيکاري ۽ خدا سان شرڪت ڪيائين." حلاج ائين چئي پنهنجي دوئي ماري، ۽ خدا تعاليٰ ۾ ڀاڻ کي ايتري قدر گم ڪيائين، جو ان کان سواءِ پيو ڪجهه به ذهن ۾ نه آيس. فريدالدين عطار جو حلاج جو شيدائي آهي، سو چوي ٿو ته "قم باذني" ۽ "قم باذن الله"، ٻئي محبوب جي واتان نڪتا آهن ۽ جيڪو "انا الحق" جو نعرو نه هڻندو، سو ڪافرن جي جماعت مان آهي:

قــم باذني و قم باذن الله
هردو يک نغمه آمد از لب يار
هر که ازوي نـزد اناالحق سر
او بــود از جماعت کفـار.

محمــود شبستري چوي ٿو ته: جيڪڏهن ٻرنـدڙ ٻوٽو "انا الحق" چوي ته اهو روا آهي، پر جيڪڏهن ڪو نيڪ مرد "انا الحق" جــو نعرو

هٿي ته ڇو نه روا آهي؟

روا باشد انا الله از درختي
چرا نبود روا از نيڪ بختي؟

۽ شاهه صاحب اهو وحدت جو نڪتو نهايت سهڻي نموني ۾ نروار ڪيو آهي:

جر ترِ تڪ تنوار، وڻ ٽڻ واسي هيڪڙي
سڀئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزا وار
همه منصور هزار، ڪهي ڪهندين ڪيترا.

ليڪن انهيءَ تنوار سڻڻ لاءِ ڪي ڪن ڪهرجن، فقط اهل دل انهيءَ معنيٰ کي محسوس ڪري سگهن ٿا، جيئن رومي فرمايو آهي:

جمله ذرات عالم در نهان
با تو ميگويند روزان و شبان
ما سميعيم و بصيريم و خوشيم
با شما نا محرمان ماخاميم
نطق آب و نطق خاڪ و نطق گل
هست محسوس حواس اهل دل.

سنڌ ۾ تصوف ڪامل صورت ۾ پوري جلوي ۾ پڌيدار ٿيو. سنڌ جي پاڪ زمين اهڙن خيالن لاءِ منڍ کان صالح هئي. سنڌ جي سڀني صوفين سگهڙن ۽ روحاني شاعرن وحدت‌الوجود جو نغمو ڳايو، ۽ ان جي آسمان ۾ غلغلو مچايو. سنڌ جا حاڪم به ديني مصلحت ۽ رواداريءَ جا حامي هئا ۽ ڪنهن به حق جي عاشق کي ناحق نه ستايو. اسان جو پهريون عارف ۽ شاعر قاضي قاضن (وفات ۹۵۸ هه) وجودي هو، ۽ شاهه ڪريم (وفات ۱۰۳۲ هه) وجودي به هو ته شهودي به هو. قاضي قاضن چيو آهي ته:

"لا" لاهيندي ڪن ڪي، "لا" موراهون لاه
بالله ري پرپان، ڪٿ نه ڏٺي ڪين پيو.

شاه ڪريم ان جي جواب ۾ چيو آهي:

"لا" ۾ لوڙي ڪي، "الا" ۾ لاهه لک سمونڊ
جو مظهر سندو ساڙوئين، تي ڪيئن ڪرين وڏ.

قاضي قاضن بيخودي جي حالت ۾ فرمائي ٿو:

سانئر ڏيئي لٺ، آرهي نوڙي پوڙئي
هيڪائي هيڪ ٿيو، وڃي سڀ جهت.

وحدت جي درياه پالوٽ ڪئي، سڀ ڏڙيون ڏڪيون پوري يڪسان ڪري ڇڏيائين، ايتري ڪنهن شيءِ جو وجود باقي نه رهيو ۽ سڀ طرف ميٽجي ويا. شاه ڪريم ان جي مقابلي ۾ هڪ باريڪ نڪتو اُٿاري ٿو، چي:

سانئر ڏي نه لٺ، اوڙهي نوڙي ٻيڪهين
نابودي نه ٿيئي، اي نساديدي جهت.

انهيءَ جو مثال ساوڪ وانگر آهي، جا زمين تي اڀري ٿي، اوچتو درياه زمين تي غلبو ڪري ساوڪ پوري ناپيد ڪيو ڇڏي. اهڙي طرح جو ڏسندڙ جي نظر ۾ نه اچي. حقيقت ۾ ان کي نابود نه ڪيو، ان کي هستي آهي. پر درياه جي غالب ڪري گم ٿي وئي آهي.

ساڳي طرح روميءَ وري باهه ۽ لوهه جو مثال ڏنو آهي، ۽ قاضي قاضن وانگي مغالطي ۾ پيو آهي چوي ٿو ته: سرخ ٿي باهه سان هم رنگ ٿيو پوي. پوءِ جڏهن نس پس باهه نٿو ٿئي، ته به باه جون سڀئي خاصيتون ان ۾ لين ٿيون. ايترو جو ماڻهو چون ته باهه ٿي ويو. "فنا في الله" جي مقام ۾ جڏ انسان جي اها حالت بنجي ٿي:

رنگ آهن محو رنگ آتش است
ز آتشي ميلا فدو خامش وش است
چون به سورخي گشت همچو زرکان
پس "انا النار" است لافش بي زبان
شد ز رنگ طبع آتش محتشم
گويد او "من آتشم من آتشم"
آتشم من، گر ترا شک است وظن
آزمون کن دست را بر من بزن
آدمي چون نور گيرد از خدا
هست مسجود ملائک ز اجتبا.

انهيءَ جي معنيٰ اِها ناهي تہ لوهہ جو وجود باہ ۾ ڪم ٿي ويو، لوه جو وجود باقي آهي، رڳو باه جون ڪي خاصيتون پيدا ٿين ٿيون. اهڙي طرح فنا في الله ٿين ڪري ڪو آدمي بالڪل خدا ڪونہ ٿو ٿئي . جيئن فريدالدين عطار چيو آهي:

تو از دريا جدائي و عجب اين
ز تو يک لحظه اين دريا جدا نيست
خيال کج مکن اينجا و بشناس
که هر کو در خدا گم شد خدا نيست.

پر رڳو سڪر ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ سندس هڪڙي وصف سان متصف ٿو ٿئي، تنهن ڪري اهڙن شطحيات جي ڪلمن کان پاڻ کي سنڀالجي.

حقيقت ڪري اولياءالله ڪڏهن بہ اهڙي سڪرات جي حالت ۾ نہ هوندا هئا، جو خدا جا فرض ڪانئن ڇڏائجي وڃن. اهي خدا تعاليٰ جي عصمت هيٺ هوندا هئا، ۽ جڏهن الهن تي استغراقي حالت طاري ٿيندي هئي، تڏهن نماز جي وقت هو از غيبي بيدار ٿي پوندا هئا، ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين شريعت جي احڪامن تي پابند رهيا. هي جو ڪي نابڪار صوفي چوندا آهن

رنگ آهن محو رنگ آتش است
ز آتشي ميلا فدو خامش وش است
چون به سورخي گشت همچو زرکان
پس "انا النار" است لافش بي زبان
شد ز رنگ طبع آتش محتشم
گويد او "من آتشم من آتشم"
آتشم من، گر ترا شک است وظن
آزمون کن دست را بر من بزن
آدمي چون نور گيرد از خدا
هست مسجود ملائک ز اجتبا.

انهيءَ جي معنيٰ اِها ناهي ته لوهه جو وجود باه ۾ گم ٿي ويو، لوه جو وجود باقي آهي، رڳو باه جون ڪي خاصيتون پيدا ٿين ٿيون. اهڙي طرح فنا في الله ٿين ڪري ڪو آدمي بالڪل خدا ڪونه ٿو ٿئي. جيئن فريدالدين عطار چيو آهي:

تو از دريا جدائي و عجب اين
ز تو يک لحظه اين دريا جدا نيست
خيال کج مکن اينجا و بشناس
که هر کو در خدا گم شد خدا نيست.

پر رڳو سڪر ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ سندس هڪڙي وصف سان متصف ٿو ٿئي، تنهن ڪري اهڙن شطحيات جي ڪلمن کان پاڻ کي سنڀالجي.

حقيقت ڪري اولياء الله ڪڏهن به اهڙي سڪرات جي حالت ۾ نه هوندا هئا، جو خدا جا فرض ڪائنن ڇڏائجي وڃن. اهي خدا تعاليٰ جي عصمت هيٺ هوندا هئا، ۽ جڏهن الهن تي استغراقي حالت طاري ٿيندي هئي، تڏهن نماز جي وقت هو از غيبي بيدار ٿي پوندا هئا، ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين شريعت جي احڪامن تي پابند رهيا. هي جو ڪي نابڪار صوفي چوندا آهن

ته فنا في الله جي حيثيت ۾ انهن تان سڀ ديني فرائض ۽ تڪليفون لهيو وڃن، سو اسلامي تصوف جي اصولن جي برخلاف آهي. خود حلاج ويندي ڦاهيءَ تائين نماز ۾ مشغول رهيو. هو ته پاڻ چوندا آهن ته "حضور قلب حاصل ڪري پاڻ وڃائي، پوءِ تڪبير چئو":

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
(شاهه)

باوجود قاضي قاضن سان ذڪري ڪاڻ جي، شاهه ڪريم صريح وجودي هو، جيئن سندس ڪيترن ئي بيتن مان پڌرو آهي:

مروئان موران، پکان، وائي ٻي م پل
هو هلاچو هل، ٻا الله سندو سچئين.

—

سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن، سوئي من وسي
تيهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.

—

پاڻي سلطان، پاڻي ڏي سنيهڙا
پاڻ ڪر پاڻ لهي، پاڻ سڃاڻي پاڻ.

—

اسين سڪئون جن کي، سي تان اسين پاڻ
هاڻي وڄ گمان، سهي سڃاتا سپرين.

لطف الله قادري، جو شاهه ڪريم سان لڳ ڀڳ ۽ شاهه لطيف کان گهڻو اڳيرو زنده رهيو آهي، سو "اسم ذاتي" جي وصف ۾ هيئن ٿو چوي:

ڀيائون الله، هادي جو حق
او پاڻان ويا پيڙا، ٿين ذات مطلق
ظاهر الا انا .ات نڪو شبه نہ شڪ
حاصل جنين حق، سي واصل ٿيا وصال ۾.

ميون عيسو، جو شاه ڪان عمر ۾ وڏو پر سندس همعصر هو، هڪ متشرع عالم ۽ عامل ٿي گذريو آهي، سو وحدت الوجود کي هن طرح ٿو نباهي:

جي پاڻ نہ پسين پرين ۽ کي، تہ تون پسي صحيح سڄڻ
ان الله بصير بالعباد، اي حرف هنئين سين هڻ
پرور کي پسڻ، آهي سڀ ڪنهن شئي جو.

—

پسين جي پر ڪنهين، تہ سڄڻ توهين ساڻ
و هو معڪم اين ما ڪنتم، اي عيسي سڻ اهڃاڻ
نوڙت ۽ نياز سين، جي صحي سڃاڻين پاڻ
تہ معرفت مهراڻ، منجهان تو موج هڻي.

—

اڏمي اندر ڪان، موج هنئي مهراڻ
تہ علائقا هن عالم جا، وينده پاڻئون آڻ
بلڪ پيهي ويندين پاڻ، پريندهم ان پاتار ۾.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (وفات ١٠٧٥هہ) اگرچہ هڪ فقيه هو، ۽ ظاهر شريعت جو پابند هو، ۽ شايد ان ڪري ئي خواجہ محمد زمان ۽ شاه لطيف ۽ مخدوم محمد معين سان نہ پوندي هيس، سو بہ هڪ وڏو صوفي ۽ روحاني بزرگ هو، جيئن سندس تصنيف "قوت العاشقين" مان ظاهر آهي. ليڪن هو شهودي هو ۽ دين متين تي راسخ. جنهن ڪري دل نہ چاهيندي

هيس تہ ماڻهو ڄاڻي واڻي وحدت الوجود جي ڪن ۾ وڃي آجهڪن، ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهن جي رهبري لاءِ شريعت بالڪل ڪافي ۽ شافي آهي، انهن کي ماوراءِلحيات جي مسئلن ۾ نہ منجهائڻ گهرجي:

حـوصلـو حيـرت ۾، ڪـري ڪونہ درڪ
جو حسن سندو حق، سو ڪور پروڙي ڪينڪي.

ليڪن اندر جي اڄائي ۽ اخـلاص، تڪبر ۽ پاڻپٽي کـان آجائي سيڻي لاءِ ضروري آهي. ڇاڪاڻ اهو پنهنجو پاڻ آهي، جو پرينءَ کي پراهون ڪري ٿو. لطيف سائين فرمائي ٿو:

”پـاڻ“ پردو پاڻ کـي، سٿي ڪـر سنڀال
وڃان جو وصال، سو تـان هئڻ ”هن“ جو.

حافظ فرمائي ٿو:

ميان عاشق و معشوق، هيچ حائل نيست
تو خود حجاب خودي حافظ از ميان برخيز.

نہ فقط هيترو، پر جيڪو خيال پائين تہ حجاب (پـردي) کـي پري ڪندو، سو خود حجاب آهي. ان کي اڇـلائي ڇڏ. خـود عشق جو خيال ڪرڻ پڻ عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ حجاب آهي: ”العاشق والمعشوق“.

رومي فرمائي ٿو:

تو هر خيال که کشف حجاب پنداري
بينگنش که ترا خود همان حجاب شود.

شاهہ لطيف وري هيئن ٿو چوي:

عين شرڪ ايءُ، جيئن بي‌شرڪ پائين پاڻ کي
وڃـائي وجـود کـي پـاڻان پـاسي ٿـيءُ
هيڏنهن ڪونهي ”هيءُ“، ”هـو“ پڻ ڪونهي
”هن“ ري.

شاه لطيف محض "وجودي" هو. ۽ سندس "وحدت الوجود جو متو اهڙي سوٽي نموني ۾ سواريل آهي، جو ڪوبه اهل ظاهر مٿس اعتراض ڪري نه سگهندو. اهو زمانو ئي هو وحدت الوجودي جو. شاه ولي الله دهلوي، جو پڻ ان وقت ڌاري ٿتي گذريو آهي (١١١٤-١١٧٦هه)، سو به وحدت‌الوجود جو قائل هو، ۽ ڪوشش ڪري ڏيکاريو اٿس ته امام رباني واري وحدت الشهود ۽ وحدت‌الوجود وچ ۾ ڪو معقول فرق ناهي، رڳو لفظي ردو بدل آهي. ساڳيو ئي خيال شيخ عبدالرحيم گرهوڙي صاحب خواجه محمد زمان جي هيٺين بيت جي تشريح ڪندي ظاهر ڪيو آهي:

صورت معني وچ ۾، ڪونهي وچ وهان
هونه سڀاڻي هن ري، هيءُ مور نه موجودا
ڪٿي جوهر ڪولجي، ڪٿي عرض آ
حقيقت هيڪاه، ۽ نالو مٿس ناه ڪو.

ظاهر توڙي باطن وارا مجين ٿا ته مظهر خود ظاهر آهي، ۽ ڪي جهڙوڪ امام رباني صاحب، چون ٿا ته مظهر خود ظاهر (خدا) ناهي. حقيقت توڙي شريعت جي لحاظ کان ٻئي قول برابر آهن، ۽ جيئن ته امام رباني صاحب شريعت جو صاحب هو، تنهن ڪري شريعت جي پاسي کي وڏيڪ ترجيح ڏني اٿس، نه ته حقيقت ۾ ڪثرت آهي ئي ڪانه.

"ولي اللهي فلسفي" جو اثر سنڌي شاعرن، جهڙوڪ شاه لطيف تي (جو شاه ولي الله کان ١٢ ورهيه اڳي ڄائو هو ۽ ١١ ورهيه اڳي وفات ڪيائين) ڪيتري قدر پيو، سو اڃا تحقيق طلب آهي. مخدوم محمد معين ٺٽوي تي پيو هجي ته ان ۾ شڪ ناهي، باقي شاه لطيف وحدت‌الوجود واري مسئلي ۾ پنهنجي وڏي ڏاڏي شاه ڪريم جي پيروي ڪئي آهي. سندس اڳ ۾ انشاد ٿيلن ۾ ٻتن کي وڏائي هيٺن ڏيو اٿس:

پاڻ ئي پسي پاڻ کي، پاڻ ڏي محبوب
پاڻ‌ئي خلقي خوب، پاڻ‌ئي طالب تن جو

پاڻ ئي جل جلاله پاڻ ئي جان جمال

پاڻئي صورت پر جي، پاڻئي حسن ڪمال
پاڻ ئي پير مريد ٿئي، پاڻ ئي پاڻ خيال
سڀ سڃاڻي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، وائي ٻي م ڀل
هي هلاچو هل، بالله سندو سچڻين.

هاڻي سوال آهي ته وحدت مان ڪثرت ڪيئن پيدا ٿي، ۽ ڪثرت ڪيئن وحدت آهي؟ جامي يوسف زليخا ۾ فرمايو آهي ته اوائل ۾ جڏهن وقت جي ابتدا نه ٿي هئي، خداوند تعاليٰ جي مطلق هستي، جا سڀني صفاتن ۽ قيدن کان پاڪ هئي، تنهن پنهنجي مطلق جمال جو تجلو پاڻ تي پاڻهي پيش ڪيو، پر جيئن ته ڪو سهڻو جوديواري اندر لڪي نه سگهندو آهي ۽ دروازا بند ڪندي کڙڪيءَ کان سسي ٻاهر ڪڍندو آهي، تيئن ان مطلق جمال ۾ به جنبش جاڳي ته پاڻ کي پڌرو ڪريان. انهيءَ لاءِ ڪائنات جو سارو پسارو وجود ۾ آندائين ۽ آخر ۾ انسان پيدا ڪيائين جنهن ۾ شناسيءَ جي طاقت رکيل هئي. الله تعاليٰ حضرت دائود جي جواب ۾ هيئن فرمايو ته: "ڪنت ڪنزا مخفيا فاحببت ان اعرف فخلقت الخلق لڪي اعرف" يعني: "مان هڪ لڪل خزانو هوس، سڪ ٿيم ته سڃاڻجان، تنهن ڪري خلقيم خلق کي ته سڃاڻان پاڻ."
شاه صاحب اهو خيال هنن ٿورن لفظن ۾ ڄاڻايو آهي:

پسي اي پرڀاڻ، ته ڪريان پاڻ پڌرو
نڪو گهوٽ تڪيو، نڪو گهوٽ پاڻ.

خالق خلقي خلق کي، ٻاريءَ ڪيو بيان
جني ڪن فيڪون کي جوڙيائين جهان
سج چنڊ تارا ڪتين، ارض آسمان
ساراهي سبحان، پوءِ مڃني محمد مڃيو.

عام اعتقاد موجب الله تعاليٰ پهريائين حضرت محمد جو نور خلقيو جنهن مان پوءِ ٻي ڪائنات پيدا ٿي. هي وڏو وستار آهي، هتي هي اشارو ڪافي آهي. هي بيان "همه اوست" جي سٽي مطابق آهي. پر انهيءَ مان ٻه ٻه مرادون نڪري سگهن ٿيون:

(١) جيڪي آهي سو سندس طرفان آهي، ۽ منجهائس صدور پاتو اٿس. انهيءَ مان صوفين تعينات ۽ تنزلات جو نظريو قائم ڪيو آهي، جو اصل ۾ جديد فلاطوني فلسفي جو مکيه جزو آهي، ۽ صريح اسلامي نقطه نظر جي ابتڙ آهي. (٢) جيڪي آهي سو ڪائنس آهي ۽ مٿس ئي مدار رکي ٿو. عارضي ۽ فاني آهي. فقط ذات پاڪ کي بقا آهي. اها مراد قرآني آيت "ڪل من عندالله" جي مطابق آهي.

ڪن صوفي بزرگن ۽ شاعرن هڪڙي ڳالهه تي زور ڏنو آهي، ته ڪن ٻيءَ ڳالهه جي پنيرائي ڪئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ فريدالدين عطار تمام پري ويو آهي، ۽ سندس ڪلام جي جهلڪ سچل فقير ۽ سندس ساڪن بيدل ۽ بيڪس جي شعرن ۾ ملي ٿي. جي: "خدا خود آدم جي صورت ڪري، جدا جدا رنگن ۽ روپن ۾، انسان ذات جي هدايت لاءِ اوتار ٿي آيو آهي." اهو نظريو اسلامي تعليم جي خلاف آهي. عطار جي هيٺين قطعي تي غور ڪريو:

اي روي در کشيده ببازار آمده.
خلقي بدان طلسم گرفتار آمده.
غير تو هر چه هست سراب ونمائش
کانجانم اندک است وله بسيار آمده.
آنجا حلول کفر بود اتحاد هم
اين وحدت است ليک بتکرار آمده.
يک عين متفق که جزاو ذره اي نبود
چون گشت ظاهر اين همه انوار آمده.
گوهر دو کون موج برآرند صد هزار
جمله يکي است ليک بصد بار آمده.

ڪثرت حقيقت ۾ وحدت آهي، جنهن وري پاڻ ڪي ٻي
ڌاريو آهي. سمنڊ مان لکين لهرون اڀرن ٿيون، پر حقيقت ۾ اهي سڀئي
هڪڙي لهر آهي، جا بار بار ٻئي اچي رهي. سو صوف ۽ آبيون ذرا ذرا ۾
جدا جدا آهن، پر جيڪڏهن سڀني کي اپوڙي گڏ ڪندين ته سڀ
هڪڙي ئي ٿي پوندي، جيئن روي چيو آهي:

گر تو صد سيب و صد آبي بشمري
جمله يک گردد چه آنرا بفشري
در معاني قسمت و اعداد نيست
در معاني تجزيهٔ افراد نيست.

يا جيئن شاهه لطيف چيو آهي:

سو پڙاڏو، سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين
هنا اڳيئين گڏ، پر هڏڻ ۾ پسم ٿيا.

ڪثرت آهيئن ڪانه، وحدت اندر وحدت است. عارف ۽ معروف،
عشق ۽ معشوق ٻئي هڪ آهن، باڪ:

جمله معشوقست و عاشق پرده اي
زنده معشوقست و عاشق مرده اي.

جيئن ابن العربيءَ فرمايو آهي:

تو همت قدما قبل ان يکشف الغطا
اخالي کاني ذاکر لک شاکر
فلما تجلي الصبح اصبحت عارفا
بانک مذکور و ذکر و ذاکر

(يعني : پردي کڄڻ کان اڳ اثين پائيندو هوس ته مان تنهنجو ذکر
۽ شڪر ڪندڙ آهيان. پر جڏهن روز روشن ٿيو ته خبر پيم ته تون ئي
ذاکر، مذکور ۽ ذکر آهين.)

سر، ساغر ۽ ساقي ٽيئي هڪ آهن. ساهڙ، سهڻي ۽ سائر ٽيئي
هڪ ٻئي کان جدا نه آهن:

سو ساهڙ، سا سهڻي، سائر پڻ سوئي
آهي نجو ئي، ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي.

سڀ پنهون آهي، سسئي ۽ سور عارضي ۽ لابقا آهن:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ

ته نڪو ڏونگر ڏنيوءِ ۽، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

جي پاڻ ۾ پٽيندا وڃا. اهو پنهنجو پاڻ آهي جو عجيبن جي آڏو ڦري ٿو:

سو پکي، سو پيچرو، سو سر، سوئي هنجهه
پڇي جان پروڙيو، ســون پنهنجو منجهه
ته ڏيل جنهن جو ڏنجوءِ، سوماري پيو منجهه ڦري.

حاصل ڪلام ته وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جو بحث تمام وڏو آهي. دفتر کهرجن ته ٻران جو بيان پورو ٿيئو نه ته آهي.

الفناء في الله، انسان جي روحاني ترقي جو فقط پهريون ڏاڪو ۽ البقــاء بالله جو پيش خيمون آهي. جيئن الله تعاليٰ جي ذات بي ابتدا ۽ بي انتها آهي، تيئن انساني روح جي ترقي به لاانتها آهي. وڌيڪ چپن تي مهر آهي.